# پس منظر کان پیش منظر تائین

مسجد منزل گاهه جو واقعو


# سنڌ جو تاريخي علائقو


- سکر جي شہر، ان جي پرپاسي ۽ سندس پر ۾ وهندڙ سنڌو درياهه جي هڪ منفرد تاريخ آهي. هن ئي علائقي ۾ سنڌ جو قديم تخت گاهه اروڙ پڻ قائم هو.




# سکر، اروڙ ۽ روهڙي ۾ هندن جا تيرٿ

* اروڙ جي قديم آثارن ۽ مسجد، منزل گاهه سان گڏ سنڌو نديءَ جي ٻيٽن ۾ هندن جا عبادت گاهه ۽ تيرٿ قائم هئا: جهڙوڪ ساڌ ٻيلو ۽ ستين جو آستان :












# منزل گاهه

اڳي زماني ۾ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ منزل گاهون ۽ قافلي سرايون هونديون هيون. هي اهي ماڳ هئا جتي ٻين شهرن مان ايندڙ واپاري ۽ ٻيا مسافر اچي منزل ڪندا هئا ۽ وقتي طور تي رهندا هئا . اهڙن هنڌن تي مسلمانن جي لاءِ مسجد ۽ هندن لاءِ مندر به قائم ٿيل هوندو هو. سنڌ ۾ اڪثر ڪري هندو توڙي مسلمانن جون عبادتگاهون اهڙن ماڳن مڪانن تي گڏوگڏ هونديون هيون. سکر جي منزل گاهه جي ٻن اهڙي صورتحال هئي.








منزل گاهه تحريڪ ۽ سنڌ جو
اپر ڪلاس
پير طبقو
زميندار طبقو
واپاري شهري طبقو
باقي بين طبقن تي دباءُ
کهڙو
هارون
تشدد خلاف
وار ڪاميٽي ڪان ڊڪٽيٽريءَ طرف

# سنڌ جي صوبائي خودمختياري کانپوءِ اقتدار لاءِ سنڌي مسلمانن جي جاکوڙ

واپاري ۽ تجارتي ۽ شهري طبقو

قيادت
حاجي عبدالله هارون



سيد ۽ پير

قيادت
جي ايم سيد



زميندار ۽ وڏيرا

قيادت محمد
ايوب کهڙو



# اختلافن جو آغاز ڪيئن ٿيو؟

01

- 1936ع ۾ سنڌ ممبئيءَ کان الڳ ٿي، صوبائي خودمختياري ماڻي.
- هن نئين صورتحال ۾ سنڌ جي هندن توڙي مسلمانن پنهنجي سياسي حيثيت ڪي مڃرائڻ جي شروعات ڪئي.
- مسلمان سياسي حوالي سان ٽن ڌرين ۾ ورهائجي ويا: پير، واپاري ۽ وڏيرا. جن مان هر ڪنهن طبقي اقتدار ڪي پنهنجي در جي ٻانهي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي.
- مسلمانن جا اهي طبقا اقتدار تي اثرانداز ٿين ئي ٿين ته ان کان اڳ الهه بخش سومرو سنڌ جو وڏو وزير ٿيو، جنهن منجهان باقي ٽن طبقن جان ڇڏائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي.

# سنڌ مسلم ليگ جي حڪمت عملي

- الهه بخش سومري کي اقتدار تان هٽائي پهنجي لاءِ رستو هموار ڪرڻ
- سنڌي مسلمانن کي محسوس ڪرائڻ ته مسلم ليگ سنڌن واحد نمائنده جماعت آهي
- سنڌي مسلمانن لاءِ ڪنهن ٻئي سياسي پارٽيءَ يا پليٽ فارم جا دڳ بند ڪرڻ

# الهه بخش سومري جي اقتدار مان جان ڇڏائڻ لاءِ ضروري هئو ته:

1. مسلمانن کي تاثر ڏنو وڃي ته هو هندو-نواز آهي.
2. هندن کي تاثر ڏنو وڃي ته هو سندن مسئلن ۾ دلچسپي نه ٿو وٺي.
3. هندن ۾ هن لاءِ نفرت پيدا ڪري، هندو وزيرن ۽ ميمبرن تي پريشر وجهي اقتدار ۽ اسيمبليءَ کان پري رکجي.



# اختلافن جو آغاز ڪيئن ٿيو؟

02

- الهه بخش سومري کي اقتدار مان هٽائڻ لاءِ سنڌ جا ٽئي طبقا، يعني پير، وڏيرا ۽ تاجر مسلم ليگ جي هڪ ئي پليٽ فارم تي انهيءَ مقصد لاءِ گڏ ٿيا ۽ اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هئا ته جيئن الهه بخش سومري خلاف ڪا ڀرپور نموني تحريڪ هلائجي.
- هندو پنهنجي سياسي ۽ مذهبي حيثيت کي بچائڻ ۽ مچرائڻ لاءِ ضروري سمجهڻ لڳا ته مسجد منزل گاهه جيڪا ساڌ ٻيلي جي آمهون سامهون واقع هئي، ان تي مسلمانن جو غلبو ايترو قائم نه ٿئي، جنهنڪري ساڌ ٻيلي تي ڪنهن مذهبي ۽ سماجي منفي اثر پوي. ان ڪري هندن مسجد تي مسلمانن بدران حڪومتي اثر کي اوليت ڏني.

# الله بخش ۽ مسجد منزل گاهه جو مسئلو

01

* جڏهن ممبئي ليجسليٽيوڪائونسل جو ميمبر هئو ۽ سنڌ صوبائي حيثيت نه ورتي هئي ته الله بخش سومري منزل گاهه مسجد جي مسئلي تي مسجد لاءِ چندي ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيو هو.
* وڏي وزير ٿيڻ کانپوءِ هن هندن کي ناراض ڪرڻ نه پئي گهريو.
* 12.04.1939 محمد اسحاق ڊپٽي ڪليڪٽر کي ڪم سونپيو ويو ته انڪوائري ڪري، رپورٽ ڏني.
* 24.04.1939 تي ٽن انجنيئرن تي مشتمل ڪاميٽي ناهي وئي ته رپورٽ ڪن  ته متنازعه عمارت مسجد آهي يا نه. ٽن انجنيئرن مان هڪ مسلمان هڪ هندو ۽ هڪ يورپين هئو.

# الله بخش ۽ مسجد منزل گاهه جو مسئلو



* 25.09.1939 تي سرڪار طرفان پريس نوٽ جاري ٿيو ته حڪومت مسجد منزل گاهه واري مسئلي کي سنجيدگيءَ سان حل ڪرڻ جو عزم رکي ٿي ۽ وقت وڃائڻ کانسواءِ اهو طئي ڪيو ويندو ته اها جاءِ مسجد آهي يا ريسٽ هائوس آهي. ان ڪري ٻهرين آڪٽوبر 1939 کان ستياگرهه نه هلائي وڃي ۽ سرڪار کي درست فيصلي ڪرڻ جو وقت ڏنو وڃي.
* 26.09.1939 تي ٻن مهينن لاءِ 144 قلم لاڳو ڪيو ويو.
* 01.10.1939 تي الله بخش سومري جي سکر ۾ مسلمان ۽ هندو وفدن سان ملاقات ٿي. انهيءَ دوران 313 مسلمان ستياگرهي گرفتار ڪيا ويا. جن ۾ 30 سيد، 11 مولوي ۽ 3 قرآن جا حافظ به شامل هئا. باقي 800 ماڻهن کي پڪڙي، وري آزاد ڪيو ويو.

# مسجد لاءِ مسلمانن جي جاکوڙ

03



* حالتن جي دونهين دکندي رهي ۽ ان مچ جي صورت 1937ع ۾ ورتي، جڏهن مولانا ظفر علي خان سکر ۾ هڪ جلسي جي صدارت ڪندي سنڌي مسلمانن کي ميارون ڏيندي صلاح ڏني ته مسجد منزل گاهه جي وارثي وٺڻ سندن ديني فرض بڻجي ٿو.

# تحريڪ تي اثرانداز ٿيندڙ ڌريون

1. آغاز سکر جي انهن مذهبي تنظيمن طرفان ٿيون. جيڪي پنجاب جي مذهبي تنظيمن سان ويجهو هيون: جهڙوڪ انجمن حمايت اسلام ۽ مجلس اتحاد ملت.
2. سنڌ مسلم ليگ، جنهن کي سنڌ ۾ پير پختا ڪرڻا هئا.
3. سنڌ هندو سڀا، جن کي هندن جي مذهبي حقن جو اونو هئو.
4. پنجاب جي صحافت، جنهن سنڌي مسلمانن خواهه هندن جي ترجمانيءَ ۾ جهڙوڪ باهه تي پيٽرول هاريو.



اخبارن جو ڪردار
مسلمانن جي مخالفت
سنڌ آبزرور، ڪراچي
سنسار سماچار
سنڌي، سکر
پرتاب، لاهور
قرباني
ڌرم وير
مسلمانن سان موافقت
الوحيد، ڪراچي
احسان، لاهور
سنڌ زميندار، سکر
شهباز، لاهور
دعوت اسلام، سکر
زميندار، لاهور
انقلاب، لاهور
حيات، لاهور
احسان، لاهور
عصر جديد، لاهور
الاسلام، ڪوئيٽا

# مسجد لاءِ مسلمانن جي جاکوڙ


01

* هي 1925ع جو سال آهي جڏهن سکر جي ڪن مسلمانن سنڌ جي ڪمشنر کان گهر ڪئي ته مسجد، منزل گاهه مرمت ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. جيڪا هن رد ڪئي ۽ حڪم ڏنو ته اهو ڪم سرڪاري سطح تي ڪرايو وڃي.

* 1928ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هڪ مسلمان عورت کي هندو بڻائڻ ڪري هندو مسلم فساد ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ انتهاپسند هندن توڙي مسلمانن جي سوچڻ ۽ لوچڻ جا رخ تبديل ٿيا ۽ شدت - پڻو عام ٿيو.

* 1928ع ۾ سکر جي انجمن حمايت اسلام جي سيڪريٽري محمد يامين سکر جي ڪليڪٽر کان مطالبو ڪيو ته مسلمانن کي مسجد، منزل گاهه جي مرمت جي اجازت ملڻ گهرجي.

* ياد رهي ته انجمن  حمايت اسلام 1884ع ۾ قائم ٿي هئي، جيڪا سرسيد احمد خان جي عليڳڙهه واري تحريڪ جو اثر ۽ پڙاڏو هئي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ان جون شاخون ته قائم نه ٿيون هيون البته ساڳئي نالي ۽ مقصدن سان سکر ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ انجمن حمايت اسلام قائم ڪئي وئي هئي.



# مسجد لاءِ مسلمانن جي جاکوڙ

02

* هي 1929ع ۾ حاجي عبدالله هارون سکر جو دورو ڪيو ۽ ان موقعي تي سنڌ خلافت ڪميٽي جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ بيان ڏنو ته مسجد منزل گاهه تي مسلمانن جي حق ۽ وارثيءَ کي تسليم ڪندي مسجد جي مرمت جي ڪين اجازت ڏني وڃي نه ته بيءَ صورت ۾ سنڌ خلافت ڪميٽي تحريڪ هلائيندي.

# اهم واقعن جو وچور

01

1. 13.07.1939 تي سکر ۾ هندو دوڪاندارن پرچونديءَ جي پير جي فرزند جي توهين ڪئي.
2. 17.08.1939 سنڌ جي گورنر گرهام هندستان جي وائسراءِ کي لکي ٻڌايو ته مسجد منزل گاهه جو مسئلو ڪنهن ٽينڊو پيو وڃي.
3. 18.08.1939 سنڌ ۾ مسجد منزل گاهه ڏينهن ملهايو ويو.
4. 1.10.1939 ستياگرهه جو آغاز ٿيو، ٻهرين ڏينهن 313 مسلمان ستياگرهي گرفتار ڪيا ويا.
5. 02.10.1939 ستياگرهي مسلمانن متنازعه جاءِ مسجد کي قبضي ۾ ورتو، 551 ستياگرهي گرفتار ڪيا ويا.
6. 3.10.1939 وڌيڪ 300 ستياگرهي گرفتار ڪيا ويا. سرڪار گرفتار ٿيلن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ قلم 144 هٽائي ڇڏيو، پوليس کي متنازعه هنڌ تان هٽايو ويو.
7. 05.10.1939 سنڌ جو گورنر وائسراءِ کي لکي ٻڌايو ته مسلم ليگ هن مامري ۾ ملوث آهي، ان لکت ۾ گورنر حاجي عبدالله هارون ۽ محمد ايوب کهڙي جا نالا خاص طور تي ورتا ويا.
8. 10.10.1939 حاجي عبدالله هارون قائداعظم محمد علي جناح کي خط لکي صورتحال کان واقف ڪيو ۽ ٻڌايو ته الله بخش سومري کي اقتدار کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تحريڪ زور شور سان هلي رهي آهي.
9. 12.10.1939 سکر ۾ ناگپور واسي ڊاڪٽر مونجي جي صدارت ۾ "هندو ڪانفرنس" ٿي، جنهن ۾ سنڌ سرڪار جي "مسجد منزل گاهه حڪمت عمليءَ" جي مذمت ڪئي وئي.



# اهم واقعن جو وچور

02

9. 20.10.1939 آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ منزل گاهه جي حوالي سان سنڌ مسلم ليگ طرفان هلايل تحريڪ جي پٺڀرائي ڪئي ۽ صورتحال کان باخبر ٿيڻ لاءِ پنهنجي هڪ ڪاميٽيءَ جوڙي ته سنڌ وڃي جاچ پڙتال ڪري.

10. 27.10.1939 الهه بخش سرڪار سخت رويو اختيار ڪيو ۽ سکر جي ضلعي انتظاميه مسلمانن کي مسجد تان قبضي هٽائڻ جو نوٽس ڏنو.

11. 1.11.1939 رڪ اسٽيشن تي پڪٽ کي گوليون هنيون ويون.

12. 05.11.1939 جي ايم سيد مسجد منزل گاهه ريسٽوريشن ڪاميٽي، هارون- کهڙو-سومرو ناهه جي شديد مخالفت ڪئي. هن موقف اختيار ڪيو ته ڪنهن به صورت ۾ مسجد خالي نه ٿيڻ گهرجي. ان کي مسلمانن حوالي ڪرڻ لاءِ هو اڪيلي سر به تحريڪ هلائيندو.

# اهم واقعن جو وچور



13. 17.11.1939 لڳ ڀڳ1500 مسلمانن مسجد منزل ڳاهه ۾ جمعي جي نماز ادا ڪئي.

14. 19.11.1939 حڪومت طاقت جي زور تي مسجد تان مسلمانن جو قبضو هٽرايو. جي ايم سيد ۽ ٻين اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. سکر ۾ وڳوڙ شروع ٿيا. هندن ۽ مسلمانن جا ست لاش اسپتال ۾ پهتا. چوويهن ڪلاڪن لاءِ سکر شهر ۾ ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو.

15. 21.11.1939 هندن سکر ۾ مارشل لا لڳائڻ جو مطالبو ڪيو، سنڌ جي مختلف هندن تي وڳوڙ ٿيا. ڪيترن هنڌن تان ريلوي ٽيليگراف وائيرون ڪاٽيون ويون.

16. 08.12.1939 جي ايم سيد جي گرفتاريءَ خلاف دادو ۾ هڙتال ٿي، الله بخش سومري جا پتلا ساڙيا ويا.

17. 27.03.1940 گورنمينٽ آف سنڌ ڪورٽ آف انڪوائري ويهاري.

18. 19.04.1940 سکر ۾ پاڪستان ڏي ملهايو ويو.



# قتل و غارت جا انگ اکر

## وگوڙن جي پهرين
## ٻن ڏينهن اندر

| | مسلمان | | هندو | |
|---|---|---|---|---|
| | ماريا ويا | زخمي | ماريا ويا | زخمي |
| سکر شهر | 15 | 4 | 19 | 06 |
| سکر ضلعو | 01 | 10 | 57 | 9 |
| ٽوٽل | 16 | 14 | 76 | 15 |